# گرامر پاڱو پهريون

درجي ٽئين ۽ چوٿين لاءِ

مصنف
محمد اسماعيل عرساڻي
۽
الهه بخش ٽالپر

١٩٥٦-٥٧

ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇپائيندڙ
آر - ايڇ - احمد اينڊ برادرس
بوڪسيلرس شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ)

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# گرامر ياگو پهريون

درجي ٽئين ۽ چوٿين لاءِ

مصنف

محمد اسماعيل عرساڻي

۽

الھ بخش ٽالپر

دفعو ۱ ] ۱۹۵۶-۵۷ع [تعداد ۱۰۰۰

ڇپائيندڙ جا سب حق ۽ واسطا قائم

قيمت ۰-۷-۰

ڇپائيندڙ:-

آر- ايچ- احمد اينڊ برادرس

بوڪسيلرس، پبلشرس، شاهي بازار

حيدرآباد (پاڪ)

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ديباچو

١٦ فبروري ١٩٥٥ع جي نئين منظور ٿيل نصاب ۾ ۾ درجي ٽئين تي هي گرامر رکيو ويو آهي. تنهنڪري اسان هن پاڻي ۾ درجي ٽئين ۽ چوٿين جو گرامر تيار تيار ڪورس موجب لکي پيش ڪريون ٿا. اميد ته نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو.

حيدرآباد سنڌ

١- آگسٽ ١٩٥٦ع

مصنف

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# گرامر

## درجو ٽيون

## اکر ۽ لفظ.

بورڊ تي الف ب جي اکرن مان ڪجهه اکر لکجن مثلا ا- ب- ت- ج- ڪ- وغيره. شاگردن کي چئجي ته هي پڙهي ٻڌايو. ٻارن کي ٻڌائجي، ته انهن مان هرهڪ کي اکر چئبو آهي. اسانجي الف ب ۾ اهڙا ٥٢ اکر آهن.

ان بعد بورڊ تي ڪي لفظ لکجن. مثلا اُپ، ٻڌڪ، ڦٽاڪو، محبوب، وغيره. ٻارن کي چئجي، ته هي پڙهي ٻڌايو. جڏهن ٻار پڙهي وٺن، تڏهن ڪانئن پڇجي، ته اُپ ۾ ڪيترا اکر ڪم آيل آهن ۽ ڪهڙا؟ جواب ڏيندا ته اکر. ٻهريون الف ۽ ٻيو پ. اهڙيءَ طرح سڀني لفظن جا اکر ڪانئن پڇي پوءِ ٻڌائجين، ته ٻه يا ٻن کان وڌيڪ اکرن ملائڻ سان لفظ ٺهندا آهن. اُپ، ٻڌڪ، ڦٽاڪو ۽ محبوب وغيره اهي سڀ لفظ آهن.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## جملو.

بورڊ تي هيٺيون سٽون لکو.

(١) ابا پڙهه.

(٢) احمد لکي پيو.

(٣) غريبن جي مدد ڪرڻ اسانجو فرض آهي.

مٿين مثالن مان مثال نمبر پهرئين ۾ ٢ لفظ آهن. مثال ٻئي ۾ ٣ ۽ ٽئين ۾ ٧ لفظ. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته اهي ٽيئي مثال ڪن لفظن جو ميڙ آهن. تنهنڪري اُنهن مان هرهڪ کي جملو چئبو آهي.

وري هيٺيان بورڊ تي لکو.

(١) آئون ڪتاب.

(٢) ميز تي قلم.

هيٺين مثالن مان پهرئين ۾ ٢ لفظ ۽ ٻئي ۾ ٣ لفظ آهن يعني ٻئي مثال ڪن لفظن جو ميڙ آهن. مگر اُنهن ٻنهين مان ڪا خبر ڪانه ٿي پوي ۽ ڪو مطلب ڪونه ٿو نڪري؛ تنهنڪري انهن کي جملو نه چئبو.

## وصفون.

اکر- الف ب جي ٥٢ اکرن مان هرهڪ کي اکر چئبو آهي.

لفظ - ٻن يا وڌيڪ اکرن جي ميڙ کي لفظ چئبو آهي.

جملو- اهو لفظن جو ميڙ جنهنمان پورو مطلب نڪري

**استعمال:-**

(١) اکر ڇا کي چئبو آهي؟
(٢) اسانجي ٻوليءَ ۾ ڪل ڪيترا اکر آهن؟
(٣) ڪن ٻه ٻن اکرن جا نالا ٻڌايو؟
(٤) ٻه اکر ملائبا ته ڇا ٿيندو؟
(٥) جيڪڏهن ڏهه اکر گڏيل هجن، ته ان کي ڇا چئجي؟
(٦) جملي جي وصف ٻڌايو؟
(٧) ”ٻيڙي درياءَ تي“ انهيءَ کي جملو چئبو يا نه؟ جي نه ته ڇو؟
(٨) ٻه جملا اهڙا ٻڌايو، جن مان پورو مطلب نڪري اچي؟
(٩) ڪي ٻه پنج لفظ چئي ٻڌايو!
(١٠) لفظ ڇا مان ٺهندو آهي؟

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اسم

## سبق پهريون

بورڊ تي هيٺيان جملا لکي شاگردن کان ماڻهن جا نالا چونڊايو!

(١) احمد اخبار پڙهي ٿو.
(٢) نورل خط لکي ٿو.
(٣) زهره قرآن شريف ويٺي پڙهي.

مٿين جملن ۾ احمد، نورل ۽ زهره ڪن ماڻهن جا نالا آهن. پوءِ شاگردن کي ٻڌايو ته **ماڻهن جي نالي کي اسم چئبو آهي.**

**استعمال:-** هيٺين جملن مان ماڻهن جا نالا چونڊيو:
(١) زمان شاه ڪالهه خادم کي وٺي بدين گهمائڻ ويو هو.
(٢) اڄ قاسم هڪ پلو گهوڙو وڏيري نور محمد کان خريد ڪيو.
(٣) مهرالنساء سبق ۾ ڏاڍي هوشيار آهي.
(٤) حسن بانو پوڙ رڌڻ ۾ نوران کي به شهه ڏيئي ڇڏي.
(٥) ڪن ٻه ٽنهن ڇوڪرن جا نالا ٻڌايو!
(٦) ڪن ٻه ٽنهن ڇوڪرين جا نالا ٻڌايو!

## سبق ٻيو.

## اسم عام.

هيٺين جملن مان ساهوارن جا نالا چونڊيو:-
(١) محنت ماڪوڙيءَ کان سکڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٢) مور جو ناچ ڏاڍو وڻندڙ ٿيندو آهي.
(٣) ١٠٠ ورهيه رڍ ٿي رهڻ کان هڪ ڏينهن جو شينهن ٿي مرڻ بهتر آهي.
مٿين جملن ۾ ماڪوڙي، مور، رڍ ۽ شينهن ڪن ساهوارن جا نالا آهن.

## ساهوارن جي نالن کي اسم جڳهه آهي.

**استعمال:-** ساهوارن جا نالا چونديو:-

(١) باز شڪاري پکي آهي.
(٢) پوپٽ گلن تي راند يون ڪندا آهن.
(٣) تيل سهانگو هو، تہ جيڪر گڏ ڙن ئي نچي مکيا.
(٤) ٻلي شينهن پڙهايا، ڦر ٻلي ڪون ڪاوڙ آيا.
(٥) پنجن پکين جا نالا ٻڌايو!
(٦) پنجن جانورن جا نالا ٻڌايو!
(٧) پنجن جيتن جا نالا ٻڌايو!

## سبق ٽيون.

## اسم هنڌ.

هيٺين جملن مان جاين جا نالا چونديو:-

(١) ٻار جي سڌاري جي جاءِ اسڪول آهي.
(٢) نماز مسجد ۾ پڙهڻ گهرجي.
(٣) آءٌ اسٽيشن تي وڃان ٿو.
مٿين جملن ۾ اسڪول، مسجد، ۽ اسٽيشن ڪن جاين جا نالا آهن.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جاءِ جي نالن کي اسم ڄاڻايو آهي.
استعمال :- جاءِن جا نالا چونڊيو:-
(١) ڳوٺ ۾ پوليس رهندي آهي.
(٢) اسپتال مان دوا وٺي اچ.
(٣) اڄ پريس کي موڪل آهي.
(٤) حيدرآباد ۾ وڏا هاءِ اسڪول آهن.
(٥) اڇا مينهون جهنگ ۾ ڍوئي ڊريائون رچ.
(٦) جيڪي ڪوه ۾ هوندو، سو اُنهن ۾ پوندو.

## سبق چوٿون.
## اسم جنس.

هيٺين جملن مان شين جا نالا چونڊيو:-
(١) هيءُ ڏاڍو مٺو انب آهي.
(٢) ميز تي قلم رکيو آهي.
(٣) آئون پينسل سان لکان ٿو.
مٿين جملن ۾ انب، ميز، قلم ۽ پينسل ڪن شين جا نالا آهن.

ڪنهن شي جي نالي کي اسم جنس آهي.
استعمال :- شين جا نالا چونڊيو.
(١) هن دڪان تان ڪپڙا ۽ مائو سٺو ملندو آهي.
(٢) سٽي ۾ ڌاڳو وجهي قميص کي ٽوپو ڏي.
(٣) گلاس ۽ وٽو ڪٺي ڪاري ۾ رک.
(٤) آئي سگهن کي ڍ ڪن ٻ ڪپائي ويئي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

[٥] هٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور؟
[٦] ٻڙ ڇاڻي ٻڙ جي ٻوٽڙي ڇاڻي.

## سبق ڏهون.

## اسم ھلندڙ.

هيٺين جملن مان وقت جا نالا چونڊ يو.
[١] صبح جو سير ڪرڻ نهايت وڻندڙ آهي.
[٢] سال ۾ ٻارهن مهنا ٿيندا آهن.
[٣] جيڪو ڪم منٽ ۾ ٿئي، سو ڪلاڪ ۾ نه ڪجي.
مٿين جملن ۾ صبح، سال، مهنو، منٽ ۽ ڪلاڪ
اهي وقت جا نالا آهن.

**وقت جي نالن کي اسم ھلندڙ چئبو آھي.**

**استعمال:-** وقت جا نالا چونڊ يو:-
[١] وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ سيڪنڊ به
ضايع نه ڪجي.
[٢] چانڊوڪي رات ڏاڍي مزيدار ٿيندي آهي.
[٣] سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏي سيري.
[٤] اونهاري جو منجهند مهل شل نه ڪنهنکي پنڌ
نصيب ٿئي.
[٥] آرهڙ جي ٽتي ڏينهن، ساونڻ جي وسندي مينهن
سياري جي آڌيءَ راتين شال نه ٻوي جهنگ جي تات

## سبق ڇهون.

### اسم ھلندڙ.

ھيٺين جملن مان ڪمن جا نالا چونڊيو:-

[١] ٻ وڙڻ ۾ ھرڻ ڏکو آھي.
[٢] حلوي کائڻ لاءِ مهانڊو گھرجي.
[٣] ميوي کي پنڻ کان پڙھڻ ياد ڪونھي.

مٿين جملن ۾ ٻ وڙڻ، کائڻ، پنڻ ۽ پڙھڻ ڪن ڪمن جا نالا آھن.

**ڪم جي نالي کي اسم ھلندڙ چئبو آھي.**

استعمال:- ڪم جا نالا چونڊيو:-

[١] پڙھڻ، ترڻ، تير ھڻڻ؛ چوٿين سواري.!
ننڍي ھوندي نہ سکئين تہ وڏي خواري.
[٢] رڙڻ ۽ ڏيڻ ھيٺئين جي ھيڻان آھي.
[٣] ٻارن کي اجايو رلڻ نہ گھرجي.
[٤] ھوادار جاين تي گھمڻ ڏاڍو فائدي وارو آھي.
[٥] نانگـــ ريجهائڻ سوکو پرکر وڪو ڳوھ ريجهائي.

## سبق ستون.

### اسم ھلندڙ.

ھيٺين جملن مان خاصيتن جا نالا چونڊيو:-

[١] ڀلائي ڪندين ڏان ڀلو تنھنجو ٿيندو.
[٢] نيڪي ڪري درياءَ ۾ وجهہ.
[٣] ساوڪ اکين کي وڻندي آھي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مٿين جملن ۾ ڀلائي، نيڪي ۽ ساروڪ کي خاصيتن
جا نالا آهن.

## خاصيت جي نالي کي اسم ڇئبو آهي.

**استعمال**:- خاصيتن جا نالا چونڊ يو:-

(١) هوشياري خدائي ذات آهي.
(٢) وفاداري هڪ سهڻو گڻ آهي.
(٣) هرڪي اڳيئي نچٽي، ويتر ڀڏائونس کهنڊ ٽي.
(٤) دوستيءَ ۾ سچائي.

## سبق اٺون.

## اسم حالت.

هيٺين جملن مان حالتن جا نالا چونڊ يو:

(١) شاهوڪاري دل تي آهي، نه مال تي.
(٢) انسان اهو، جو اميري وقت غريبن جي سار لهي.
(٣) فقيري دل تي آهي؛ نه گودڙي تي
مٿين جملن ۾ شاهوڪاري، اميري ۽ فقيري کي
حالتن جا نالا آهن.

## حالت جي نالي کي اسم ڇئبو آهي.

**استعمال**:- حالت جا نالا چونڊ يو:

(١) شاهي گدائي سان مٽي ووڙيم، اٿي پر ڏيهه کي
(٢) جواني چئن ڏينهن جو چٽڪو آهي.
(٣) پيريءَ ۾ ننڍپڻا به ٻيري پچيو وڃن.
(٤) مصطفيٰ محبوب به غريبيءَ کي پسند ڪيو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## وصف.

ماڻهو، ساهواري، جاءِ، شئي، وقت، ڪم، خاصيت ۽ حالت جي نالي کي اسم چئبو آهي.

اسم معنيٰ نالو.

مشق:- اسم چونڊيو:-

[١] اڄ احمد خان بندوق کڻي ٻني تي شڪار ڪرڻ ويو آهي. اُتي بدڪون ۽ آڙيون جام آهن. جهڙ به ٿيو آهي. ڏينهن به ڏاڍو مزيدار آهي. سڀ ڪنهن مهل ڪڪر. مان جهاتيون پيو پائي.

[٢] وفاداريءَ جي سبب ماڻهو حيوان کي به پيار ڪندا آهن.

[٣] ٻيهڄل کي ٻيءَ رات جو سڏايو سلطان.

[٤] جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا.

[٥] ڀاڻي ۽ باه ٽورا ڪري نه چاڙهجن.

[٦] بادشاهي اها چڱي جنهن ۾ انصاف هجي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فعل

## سبق ٻارهون.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو.

(١) ادو ڪاهل هئي هو.

(٢) مون وٽ پنج صوف آهن.

(٣) آءُ سپاٽي هئي هوندس.

جملي پهرئين ۾ **هو** لفظ مان ادي جي حقڪ جي ثابتي ملي ٿي. جملي ۾ **آهن** لفظ مان پنجن صوفن حقڪ جي سڌ پوي ٿي. جملي ٽئين ۾ **هوندس** لفظ ضمير جي حقڪ جي خبر ڏئي ٿو.

**اهڙا لفظ، جي هئڻ جي معنيٰ ڏيکارين، انهن کي فعل چئبو آهي.**

**استعمال:-** اهڙا لفظ ڳوليو جن مان حقڪ جي خبر پوي.

(١) جوا ۾ هارائڻ واري جو اڌ منهن ڪارو آهي، ته کٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو.

(٢) جڏهين ڏند هوا، تڏهين حلوو نه هو، جڏهين حلوو آهي، تڏهين ڏند نه آهن!

(٣) جي هجيٺي ناٽو ته گهر لاڙڪاڻو، نه ته وٽ ويڳاڻو.

(٤) قاسم هئي هوندو، ته تنهنجي مدد ضرور ڪندو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سبق ٻيو.

## فعل ھلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

[١] خالد ڪتاب لکي ٿو.

[٢] ساڄن خان آن خيرات ڪري ٿو.

[٣] احمد گھوڙي تي چڙھي ٿو.

انهن جملن کانپوءِ شاگردن کان هيٺيان سوال ڪريو:-

[١] خالد ڇا ٿو ڪري؟ ڪتاب لکي ٿو.

[٢] ساڄن خان ڇا ٿو ڪري؟ خيرات ڪري ٿو.

[٣] احمد گھوڙي تي ڇا ٿو ڪري؟ چڙھي ٿو.

انهي مان ثابت ٿيو ته ساڄن، قاسم ۽ احمد ڪو ڪم ڪن ٿا. يعني ڪري ٿو، لکي ٿو ۽ چڙھي ٿو مان ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

اهڙا لفظ، جي ڪرڻ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تنکي فعل چئبو آهي.

استعمال:- اهي لفظ ڳوليو جي ڪرڻ جي معنيٰ ڏيکارين.

[١] قاسم صبح جو روز اٿي ڪلاڪ کن ڊوڙندو آهي.

[٢] بي علم ماڻهو بيمار جي دوا نه ڪندا آهن، ٻر رڳو سڳڙا وڌائيندا آهن ۽ تعويذ لڪائيندا آهن.

(٣) هن ھري کان ڏنو ته ٽي ماڻهو پڳا وڃن.

[٤] محمد زمان شاهه روز اخبار پڙهندو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سبق ڏھون.
### فصل ھلندڙ

ھيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
(۱) واڍا ٻيڙي ناھين ٺا.
(۲) قاسم تنر ڪھي ٿو.
ھاڻي شاگردن کي سمجھايو ته ٻيڙي ۽ تنر تي ڪو ڪم ٿئي پيو، يعني ٻيڙي ۽ تنر ڪھڻ سان پيدا ھئي ناھين ٺا ۽ ڪھي ٿو، لفظن مان سوڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

### اھڙا لفظ جن مان سھڻ جي معنيٰ نڪري انھن کي فعل چئبو آھي.

استعمال:- اھي لفظ ٻوليو جن مان سوڻ جي معنيٰ نڪري.
(۱) واڍو ڪاٺ گھڙي پيو.
(۲) شڪاري ڪتي ھڪ گدڙ کي ماريو.
(۳) درزي ڪپڙو ڦاڙي ٿو.
(۴) باز تلور کي جھليو.

## سبق چوڏھون.
### فعل ھلندڙ.

ھيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
(۱) احمد جڏھن محنت ڪئي تڏھين پاس ٿيو.
(۲) اونھاري ۾ گرمي گھڻي ٿيندي آھي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مٿين جملن ۾ ”ٿيو ۽ ٿيندي“ لفظن مان ڪنهن ڳالهه جي ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهڙا لفظ جن مان ٿيڻ جي معنيٰ نڪري، انهن کي فعل چئبو آهي.**

**وصف.**

فعل اهو لفظ آهي، جنهن مان هئڻ ڪرڻ، سهڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ نڪري.

مشق- فعل چونڊيو.

هڪ ڏينهن وٽائي فقير الله سائين کان مٿي دعا گهري. هٿ مٿي کڻي سوال ڪندو پوئتي هٽندو ويو. پٺيان ڪا کڏ هئي، تنهنجي هن کي خبر ئي ڪانه هئي. جيئن هو پوئتي هٽندو ويو تيئن اوچتوئي اوچتو وڃي ان ۾ ڪريو. يڪدم مٿي نهاري چيائين، ”الله سائين! دعا نه ڏين ته نه ڏي پر ڌڪ ته نه ڏي“

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## صفت.

### سبق ڇهريو ن.

هيٺيان جملا بورب تي لکو:-
(۱) هيءُ هوشيار ڇوڪر آهي.
(۲) مون وٽ تمام ڀلو گهوڙو آهي.

ان بعد شاگردن کان هيٺان سوال پڇو:-
(۱) پهرئين جملي ۾ اسم ڪهڙو آهي؟ ڇوڪر.
(۲) ٻئي جملي ۾ اسم ڪهڙو آهي؟ گهوڙو.
(۳) گهوڙي جي خاصيت يا گڻ ظاهر ڪن ٿا.

مٿين ٻنهي جملن ۾ هوشيار ۽ ڀلو لفظ ڇوڪر ۽ گهوڙي جي خاصيت يا گڻ ظاهر ڪن ٿا.

**اهي لفظ جي اسم جو گڻ ڏيکارين ٿا ن کي صفت چئبو آهي.**

**استعمال:-** گڻ ڏيکاريندڙ لفظ چونڊيو.
(۱) احمد خان هڪ بهادر سپاهي ۽ محنتي ماستر آهي.
(۲) سوهڻا توهه ته ٻن ۾ ٻيا آهن، ٻر جي ڪڙا آهن.
(۳) غريب ماڻهن جي مدد چڱا ماڻهو ڪندا آهن.
(۴) سٺن اڇڻن وارو هار سيني کي وڻي ٿو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## سبق ٻيو.
## صفت هلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
[١] هي رولو ڇوڪر آهي.
[٢] ٻيڙي ماڻهوءَ کي سيڪو ڏ ڪاري ٿو.
ان بعد هيٺيان سوال ڪريو:-

[١] پهرئين جملي ۾ اسم ڪهڙو آهي؟ ڇوڪرو
[٢] اهو ڪهڙي قسم جو ڇوڪرو آهي؟ رولو
[٣] ٻئي جملي ۾ اسم ڪهڙو آهي؟ ماڻهوءَ
[٤] ڪهڙي ماڻهوءَ کي سيڪو ڏ ڪاري ٿو؟ ٻيڙي کي

مٿين ٻنهي جملن ۾ رولو ۽ ٻيڙو لفظ اسمن جي خراب خاصيت يا اوگڻ ڏيکارين ٿا.

**آهي لفظ جي اسم جو اوگڻ ڏيکارين، اُنهن کي صفت ڇئبو آهي.**

اِستعمال:- اوگڻ ڏيکاريندڙ لفظ ٻوليو:-
[١] خراب ڇوڪر مٺرا ڪپڙا پائي گهٽين ۾ پيا رلندا آهن.
[٢] ڪڙيءَ ول جو ٻنوئي ڪڙو.
[٣] انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.

## سبق ٽيون.

### صفت ھلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو.

(١) مون وٽ پنج رپيا آهن.

(٢) هن ڏهه صوف خريد ڪيا.

**سوال :-**

(١) پهرئين جملي ۾ اسم ڪهڙو آهي؟ رپيا.

(٢) اهي ڪيترا رپيا آهن؟ پنج.

(٣) ٻئي جملي ۾ اسم ڪهڙو آهي؟ صوف.

(٤) اهي ڪيترا صوف آهن؟ ڏهه.

مٿين ٻنهين جملن ۾ پنج ۽ ڏهه اسم جو انداز ڏيکارين ٿا.

**اهي لفظ جي اسم جو انداز ڏيکارين، کي صفت چئبو آهي.**

**استعمال :-** انداز ڏيکاريندڙ لفظ چونڊيو.

(١) ٻه ته ٻارهن.

(٢) ٽيٽيهن جي ٽي ٽيي - ناٺيرهي جو اڪ،
چڪو لڳو ٽنهي تي، ٽنهنجو ليکو ٻڌ.

(٣) ٻٽيهه منڊ منڊي ۾، اسي ۽ ۾ ڪاٺو،
گنجو ساماڻو، ته مڙني ڪٽي ماٺ ڪئي.

(٤) ٻاٽيهو ٻنجهين ۽ رات ۾ رهو سون سنبل.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سبق چوٿون.

### صفت هلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(١) ننڍو ٻار سپ کنهن کي وٺي ٿو.

٢- هيءَ تمام ڊگهو وڻ آهي.

### سوال:-

١- ڪهڙو ٻار سپ کنهن کي وٺي ٿو؟ ننڍو.

٢- هن وڻ جو قد ڪيڏو آهي؟ ڊگهو.

اتي ننڍو ۽ ڊگهو اسم جو مقدار ڏيکارين ٿا.

**اهي لفظ جي اِسم جو مقدار ڏيکارين، تن کي صفت چئبو آهي.**

**اِستعمال:-** مقدار ڏيکاريندڙ لفظ ڳوليو:-

١- بندري ٻڌو سندرو، ڪوئي نه پڇيس.

٢- ننڍن کي گهرجي، ته وڏن جو ادب رکن.

٣- سنوا ماڻهو سهڻا لڳن، ٻيڻ لچڪن.

٤- ٿلهي ماڻهوءَ کي روزانو پنڌ ڪرڻ گهرجي.

## سبق پنجون.

### صفت هلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- طوطا ٻوري انب مٺا ٿيندا آهن.

٢- هالائي ڪنون مشهور آهن.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سوال:-

١- ڪهڙا انب مٺا ٿيندا آهن؟ طوطا پوري.

٢- ڪهڙيون ڪتون مشهور آهن؟ هالائي.

مٿين جملن ۾ طوطا پوري ۽ هالائي لفظ اسم جو قسم ڏيکارين ٿا.

## اهي لفظ جي اسم جو قسم ڏيکارين. ان کي صفت ڇڱهو آهي.

**استعمال:-** اهڙا لفظ چونڊيو، جيڪي اسم جو قسم ڏيکارين.

١- ساڪرو واڻ سنو ٿئي ٿو.

٢- جيڪب آباد ساموندي هوا ڪان پري آهي.

٣- دريائي ناريل سمنڊ جي پر وارن ملڪن ۾ جام ٿيندا آهن.

شڪارپوري ماڻهو ڏاڍا سڌريل آهن.

## وصف.

اهي لفظ، جي اسم جو ڳڻ، اوڳڻ، انداز، مقدار ۽ قسم ڏيکارين، انهن کي صفت چئبو آهي.

**مشق:-** صفتون چونڊيو:-

سنڌ جو درازو سٺي مرد وانگر سهڻي دنيا لاءِ ڪليل آهي. هن جي وطن جي ٿڌڙي ڇانو لاءِ بهشت بيتاب آهي. هيءُ اهو مهمان نواز ملڪ آهي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جنهن جو مثال سچيءَ دنيا ۾ ملڻ محال آهي. هن جي غريب کان غريب ماڻهوءَ وٽ اگر ڪو مهمان آيو ته هو اُن ڏينهن هو سڌورو ۽ سڀاڳو سمجهندو.

عمر ٿي سٺ، ڪٽيندو وڏي لٺ.
عمر ٿي ستر، عقل ۾ پئي ڪتر.
ڏچر گهوڙو، سچر زال، پئي پن پيا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ظرف

## سبق پهريون.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

(۱) اڄ اسڪول ۾ جلسو آهي.
(۲) سياڻي موڪل جو ڏينهن آهي.
(۳) ادو هيئنر نڪري ويو آهي.

سوال:-

(۱) اسڪول ۾ جلسو ڪڏهين آهي؟ اڄ.
(۲) موڪل ڪڏهين آهي؟ سياڻي.
(۳) ادو ڪيڏيءَ مهل نڪري ويو آهي؟ هيئنر.

اڄ، سياڻي ۽ هيئنر لفظ وقت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

**اهڙا لفظ جن مان وقت جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف چئبو آهي.**

**استعمال:-** اهڙا لفظ چولڊيو، جن مان وقت جي معنيٰ نڪري.

(۱) اڳي ايئن ٿيندو هو، جهڙن ٻنهون ۾ ڏو ۽ تم ڪپڙا هاڻي ايئن ٿيندو، جو جت ۾ نيئم ٻاڪسين.
(۲) ڪالهوڻي ڪالهه ڪئي، اڄ ٻاڻ ڏينهن اهو جنهن ۾ ماڻ ٿيو، سا راهه رهندي ڪيترو.
(۳) ارهين ۽ اسانجو امتحان آهي.

[۴] آئيندهہ جو ويچار ڪرڻ سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم آهي.
[۵] ڪڏهين ڪڏهين ڇوڪرو، جو سير ڪرڻ به ڏاڍو وڻندڙ ٿيندو آهي.
[۶] سدائين سنڌڙي، اُنهنجو صاحب رکندو شان.

## سبق ڇهون.

## ظرف هلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

[۱] منهنجو ڇٽسو هيٺ پٽ تي ڪري پيو آهي.
[۲] هت اسان وٽ آن جي پوکــ، گهڻي ٿئي ٿي.

سوال :-

[۱] ڇٽسو ڪٿي ڪري پيو آهي؟ هيٺ.
[۲] آن جي پوکــ، ڪٿي گهڻي ٿئي ٿي؟ هت.

هيٺ ۽ هت لفظن مان جاءِ جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهي لفظ جي جاءِ جي معنيٰ ڏيکارين، تنکي ظرف چئبو آهي.**

**استعمال:-** اهي لفظ ڇونديون جي جاءِ جي معنيٰ ڏيکارين.

[۱] ڪي اوڏائي ڏور ڪي ڏور به اوڏا سڄڻين.
[۲] مٿي ماڙيءَ تي چڙهي، ٻري نهار، تہ دريا ڏسين.
[۳] جڏيءَ پٽ جي ويجهو نہ بيهہ.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(٤) هيڏانهن هوڏانهن گهٽوئي ڳوليائين، پر ڪٿي به پتو نه پيس.

# سبق ٽيون.

## ظرف حال ڏ.

(١) قاسم چڱيءَ طرح پڙهي ٿو.
(٢) احمد آهستي هلي ٿو.

سوال :-

(١) قاسم ڪيئن ٿو پڙهي؟ چڱيءَ طرح.
(٢) احمد ڪيئن ٿو هلي؟ آهستي آهستي.

مٿين جملن ۾ چڱيءَ طرح ۽ آهستي آهستي لفظن مان ريت جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهي لفظ جنڊان ريت جي معنيٰ نڪري، انهنکي ظرف چئبو آهي.**

استعمال:- اهڙا لفظ چونديو، جن مان ريت جي معنيٰ نڪري.

(١) احمد تڪڙو گهر پيو وڃي.
(٢) گلو ڏاڍيان ڳالهائي ٿو.
(٣) خادم خوشيءَ ۾ جيئن تڪڙو گهر ٿئي ويو، تيئن پير ترڪي ويس ۽ وڃي پٽ تي ڪريو.
(٤) مس مس ماڻهون تعليم ۾ منهن وڌو آهي.
(٥) حاجي هاڻي دليان جانيان پڙهي پيو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سبق چوٿون.

## ظرف ھاڻ ڙ.

ھيٺيان جملا پورا تي لکو:-

(١) ھيءُ وڻ تمام ڊگھو آھي.

سوال:-

(١) ھيءُ وڻ ڪيتري قدر ڊگھو آھي؟ تمام ڊگھو.

(٢) ھن جو آواز ڪيتري قدر مٺو آھي؟ ڏاڍو مٺو.

مٿين جملن ۾ تمام ۽ ڏاڍو لفظ قدر جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

اھڙي لفظ، جي، قدر جي معنيٰ ڏيکارين، تنھن کي ظرف چئبو آھي.

استعمال:-

(١) ھاٿي بالڪل وڏو جانور آھي.

(٢) ھن وٽ ھيٺر گھڻو پئسو آھي.

(٣) سڀڪو سچي پاڻھن ڏئي، ته سچي نه ٻيو جي.

(٤) ھن ۾ ڪير اڻ و اڌ پاڻي آھي؟

# سبق پنجون

## ظرف ھاڻ ڙ.

ھيٺيان جملا پورا تي لکو:-

(١) اڄ احمد ڪونه ويندو.

(٢) گھرج ڪان وڌ يڪ نه کائجي.


Scanned with CamScanner

مٿين جملن ۾ ڪونه ۽ نه اهڙا لفظ آهن، جن مان ناڪار يا انڪار جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهڙا لفظ، جن مان ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي، تن کي ظرف ڇئبو آهي.**

**استعمال:-** ناڪار لفظ ڳوليو:

(١) ڪتيم سڀ چمار پاڻدي پوري ڪين ٿي.
(٢) آءٌ ڪا پاڻ وهيٺي واڳ، نڪ ٽين جي وس.
(٣) غريب جو واهي الله کان سواءِ ڪوبه ڪونهي.
(٤) مون کي مٺان وسارين!

## وصف.

اهڙا لفظ جن مان وقت، جاءِ ريت، قدر، ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف چئبو آهي.

**مشق:-** ظرف چونڊيو:-

(١) اڄ جو ڪم سڀاڻ تي نه وجهجي.
(٢) هميشه غريبن تي رحم ڪجي.
(٣) تورو ڏسي ارهو نه ٿجي. گهٽو ڏسي سرهو نه ٿجي.
(٤) ٻئي جا عيب اهو ويچاري، جو پاڻ عيبن کان آجو هجي.
(٥) انڊا رکن، روزا نه ڏينهن به وڏا ٿين.

# ضمير:

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

| | |
|---|---|
| (١) احمد خان کي منشي کپندو هو، جنهن لاءِ احمد خان اخبار ۾ نوٽيس وجهارايو. | (١) احمد خان کي منشي کپندو هو، جنهن لاءِ هن اخبار ۾ نوٽيس وجهايو. |
| (٢) قاسم کي جڏهين موڪل ملي، تڏهين قاسم گهر ويو. | (٢) قاسم کي جڏهين موڪل ملي. تڏهين هو گهر ويو. |
| (٣) زمان زمان جو گهوڙو موٽائي ورتو. گهوڙو ٥٠٠ رپين وڪيو هئائين | (٣) زمان پنهنجو گهوڙو موٽائي ورتو، جيڪو ٥٠٠ رپين وڪيو هئائين |

ساڄي پاسي جملي پهرئين ۾ احمد خان اسم ٻه دفعا ڪم آندو ويو آهي.

کاٻي پاسي ٻوئين اسم احمد خان بدران هن لفظ ڪم آندو ويو آهي.

انهيءَ لاءِ ته ساڄي پاسي واري جملي ۾ ٻه دفعا ساڳيو اسم سهڻو نٿو لڳي.

اهڙيءَ طرح جملي ٻئي ۾ ساڄي پاسي ٻه دفعا قاسم اسم ڪم آندو ويو آهي، ۽ کاٻي پاسي انهيءَ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جملي کي درست ڪري، ٻوئين اسم قاسم بدران هو لفظ وڌيو ويو آهي.

جملي ٽئين ۾ زمان ۽ گهوڙو اسم ٻه دفعا ڪم آندا ويا آهن، جي سهڻا نٿا لڳن. تنهنڪري ڪاٻي پاسي ان جملي کي درست ڪري زمان بدران هنهن ۽ گهوڙي بدران جيڪو لفظ وڌايا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# وصف:

اهڙا لفظ جي اسم جي بدران ڪم اچن ٿا کي ضمير چئبو آهي.

استعمال:- ضمير چونڊيو.

(١) احمد چيو، ته ڪالهه توهان وٽ اچان ها، مگر مون کان گاڏي ڇٽي ويئي.

(٢) ٻيجل فقير راجا کي چيو، ته آءٌ تو وٽ سر جو سوالي ٿي آيو آهيان. تون سخي مرد ٿي، پنهنجو سر ڪاٽ ويئي ڏي. ٻيو ڪي تنهنجا مال ۽ ملڪ مون کي نه گهرجن. مون جيڪي ڀڙڪي چيو آهي، سو اُي وري چوان ٿو.

(٣) هزار ڀيرا آفرين آهي عمر سومري کي، جنهن مارئي ۽ جهڙي ضعيف زال جو ست قائم رکي، ڪيئن سنڌ سان ملڪ ڏي موٽايو. هن اهو ڪم اهڙو ڪيو، جو ملائڪ به هن کي آفرين ڏيندا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# حرف جر

هيٺيان جملا پورا ڪري لکو:-
(١) ميز ... قلم رکان ٿو.
(٢) مون ... پنج رپيا آهن.
مٿين ٻنهي جملن جي پڙهڻ مان معلوم ٿو ٿئي.
ته ٻئي جملا اڻپورا آهن. منجهن ڪو لفظ کٽل آهي -
انهن کي پورو ڪبو، ته هيٺين ريت ٿيندا.
(١) ميز **تي** قلم رکان ٿو.
(٢) مون **وٽ** پنج رپيا آهن.
انهن ٻنهي جملن ۾ جڏهين تي ۽ وٽ لفظ پيا،
تڏهين جملي جو مطلب پورو نڪتو.
پهرئين جملي ۾ تي لفظ ميز اسم جي پٺيان ڪم آيو
آهي ۽ انجو ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکاريو اٿس.
ٻئي جملي ۾ وٽ لفظ مون ضمير جي پٺيان ڪم آيو
آهي ۽ جملي جي ٻين لفظن سان ڪيس ڳنڍيو اٿس.

## وصف.

اهڙا لفظ، جي اسم يا ضمير جي پٺيان ڪم اچن ۽
انجو ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکارين، تن کي حرف جر
چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

**استعمال:-** حرف جر چونڊيو:-

(١) اکھ ۽ ڄيڀ جي خبر الله کي آهي.

(٢) انبن جون سڪون انبڙين مان نه لهنديون.

(٣) آهر سنڌي آسري جهنگ، نه چنائون.
ساوا گاهه پٽن تي بيٺي نه نائون.!

(٤) جن کي گنديءَ ۾ داٽا، سي چريائي سياٽا.

(٥) جيڪي اکرين ۾ مٿا وجهندا، سي مهرين ۾ نه ب چندا.

## حرف جملو.
### سبق ڇهريون.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- احمد ۽ قاسم ٻئي ڀائر هئا.
٢- ميون ۾ انب ۽ صوف سٺا ميوا آهن.

پهرئين جملي ۾ لفظ احمد ۽ قاسم ٻن لفظن کي ڳنڍي ٿو.

ٻئي جملي ۾ ۽ لفظ انب ۽ صوف انهن ٻن لفظن کي ڳنڍي ٿو.

**اهڙا لفظ جي ڪن ٻن لفظن کي ڳنڍيندا، تنکي حرف جملو چئبو آهي.**

استعمال:- اهي لفظ ڳوليو، جي ٻن لفظن کي ڳنڍين.

١- انڊو ۽ اٽو سونهو ٻئي هڪ جهڙا آهن.
٢- راڳ ۽ ساز روح جي راحت آهن.
٣- کير پلو ٻنهي مان هڪ شئي کاءُ.
٤- گدڙ ۽ ٻکوڙ ٻئي جهنگلي جانور آهن.

### سبق، ٻيون
## حرف جملو هلندڙ.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- ڪالهه احمد اسپتال ۾ ۽ پاڻس قاسم اسڪول ۾ تقرير ڪري ويا هئا.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٢- گلو رڳو پٽ تي نه ڊڙ ونڌي ونڻ تي به جهٽ
ڇڙهيو وڃي ٠
مٿين جملن ۾ ”۽ ڊڙ“ لفظ جملي جي ٻن ڀاڱن کي
ڳنڍين ٿا ٠

**اهڙا لفظ، جي جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍين، تنکي حرف جملو چئبو آهي ٠**

**استعمال:-** اهڙا لفظ چونڊيو جيڪي ٻن ڀاڱن کي
ڳنڍين ٠

١- خادم گهوڙي تي ۽ زمان اٺ تي چڙهي شڪار
ڪرڻ ويا آهن ٠

٢- رڻ بنا ماءُ به ٻهٽ کي کير نه ٿي پياري ٠

## سبق ڏهون ٠
## حرف جملو هلندڙ ٠

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-

١- آءُ گهمڻ اچان ها، پر لاچار ڪم تي هيو ٠

٢- مون خط لکيو، ته به تون نه آئين ٠

٣- ڪارو پڳ ڪمري سان، جي رنگ نه مٽائي، ته
عادت ضرور مٽائي ٠

پهرين ٽ سٽ ۾ ٻه جملا آهن ٠

١- آءُ گهمڻ اچان ها ٠

٢- لاچار ڪم تي هيو ٠

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهن پنهي جملن کي لفظ ڳنڍيي ٿو:-
پڻ ۽ سٽ ۾ ٻه ٻه جملا آهن.
(١) مون خط لکيو. (٢) تون نه آئين.
انهن پنهي کي ۽ ٻه لفظ ڳنڍيين ٿا.
ٽين ۽ سٽ ۾ ٽي جملا آهن:-
(١) ڪارو ڪمري سان ڀڃ. (٢) رنگ، نه مٽائي.
(٣) عادت ضرور مٽائي.
انهن ٽنهين جملن کي جي ۽ ۽ لفظ ڳنڍيين ٿا.

## اهڙا لفظ جي ٻن جملن کي ڳنڍيين.
## تنکي حرف جملو چئبو آهي

**استعمال:-** اهي لفظ ڳوليو، جي ٻن جملن کي ڳنڍيين:
(١) سياڻا چوندا آهن، ته ڏيڍ ۽ روڙ هيٺين جي هيٺان آهي.
(٢) ڇگو ڇن لکيو، مدو سي نه ٻسن.
توڙي رڻ رهن، ته ڪنڀون ڪائين ڪير سان.
(٣) سج ڇنڀ ڏي هڻ ڏيان ڏريو.

# وصف

اهڙا لفظ، جي ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍيين، تنکي حرف جملو چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

**استعمال:- حرف جملا ٻڌايو:-**

(١) محرم ناپاس ٿي پيو، ڇاڪاڻ ته محنت گهٽ ڪئي هئائين.

(٢) نيٺ وڏو پاڻ مڙيو ۽ ننڍي ڪي لاهي پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيائون. پر ڏسو اسرار الاهي، جو هو ٻڏوئي نه!

(٣) پاڻس پيرن کان ڇنبڙي، اهڙو ڇهلي ٻيهي رهيس، جو سڀئي پيا ڇڏائين، پر تڏهن به ڇڏائي نه سگهون.

# حرف ندا.

هيٺيان جملا پورب تي لکو:-

[١] اي احمد! هيڏانهن اچ؟

[٢] اڙي محرم! تون ڪٿي هئين؟

[٣] او ڇوڪرا! ٻاهر نہ وڃ.

مٿين جملن ۾ اي، اڙي، ۽ او لفظن مان سڏ ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهي لفظ جن مان سڏ جي معنيٰ نڪري تن کي حرف ندا چئبو آهي.**

ندا جي معنيٰ بہ آهي سڏيا پڪار.

هيٺيان جملا پورب تي لکو:-

(١) شال جواني ماڻين ۽ سکيو ستابو هجين!

(٢) من ڪڏهين موليٰ مون تي بہ راضي ٿئي!

مٿين جملن ۾ شال ۽ مان لفظ دل جي تمنا يا سڌ ڏيکارين ٿا.

**اهڙا لفظ جي دل جي سڌ ظاهر ڪن تن کي حرف ندا چئبو آهي.**

هيٺيان جملا پورب تي لکو:-

[١] مارا! ايڏي ڪاوڙ.

[٢] وڃ! هي ۽ تہ ڪيڏي بلا آهي.

[٣] بلي! اڄ تہ پر ۾ بازار لڳي پئي آهي.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مٿين جملن ۾ ماڙ، وڃ، ۽ ٻلي لفظن مان عجب جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهڙا لفظ، جن مان عجب جي معنيٰ نڪري، تن کي حرف ندا ڇئبو آهي.**

هيٺيان جملا ٻورڙ تي لکو:-

[۱] افسوس! عمر انهن ئي انتظار ۾ گذري ويئي.

[۲] گهوڙا گهوڙا! ڪيڏو نه قهر ٿي ويو.

[۳] هاءِ هاءِ! جن سنگن تي مان ڪڏهن آءٌ سيئي آڏو آيم.

مٿين جملن ۾ افسوس، گهوڙا گهوڙا، ۽ هاءِ هاءِ لفظن مان ارمان جي معنيٰ نڪري ٿي.

**اهي لفظ، جي ارمان جي معنيٰ ڏيکارين تن کي حرف ندا ڇئبو آهي.**

هيٺيان جملا ٻورڙ تي لکو:-

[۱] واهه واهه! ههڙو پارس ته مولئي ڏياري.

[۲] بيشڪ! هيءُ ئي بادشاهه سونهي.

مٿين جملن ۾ واهه واهه ۽ بيشڪ لفظ دل جي خوشي ظاهر ڪن ٿا.

**اهڙا لفظ، جي دل جي خوشي ظاهر ڪن تن کي حرف ندا ڇئبو آهي.**

هيٺيان جملا ٻورڙ تي لکو:-

[۱] هون! آهي به ڏاڍو هوشيار، سو هيءُ تون ڪتاب لکي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٢) ڇ ڇ! ڪهڙو عاليشان ڪتاب اڏوهيءَ کان ڪارائي ڇڏيم.

مٿين جملن ۾ 'هون' ۽ 'ڇ ڇ' اهي لفظ ڌڪار جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

**اهڙا لفظ جن مان ڌڪار جي معنيٰ نڪري تن کي حرف ندا چئبو آهي.**

## وصف

اهي لفظ، جي سڏ ڪرڻ جي ڪم اچن يا منجهانئن دل جي حالت پڌري ٿئي، تن کي حرف ندا چئبو آهي.

استعمال:- حرف ندا چونديو:-

(١) افسوس ۽ ارمان! هيتري وقت ۾ تون نه سڌرئين.

(٢) شاباس پٽ شاباس! هميشه بکئي کي ماني ڏجي.

(٣) آها! هن جبل جو نظارو واه جو آهي.

(٤) اڙي ڇورا! اڃا به گسائڻ جي عادت نٿو ڇڏين.

(٥) هي هي! اسان لاءِ ته الائي ڪڏهن خوشيءَ جو سج ايرندو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٻيو دور

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي ڳالهائڻ جا لفظ آهن، سي اٺن قسمن جا آهن.

(۱) اسم:- ڪنهن ماڻهو، ساهواري، جاءِ، شيءِ، وقت، ڪم، خاصيت ۽ حالت جي نالي کي اسم چئبو آهي.

(۲) فعل:- اهي لفظ، جن مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ ۽ ٿيڻ جي معنيٰ نڪري.

(۳) صفت:- اهي لفظ جي اسم جو ڳڻ، اوڳڻ، انداز مقدار ۽ قسم ڏيکارين، اُنهن کي صفت چئبو آهي.

(۴) ظرف:- اهڙا لفظ، جن مان وقت، جاءِ، ريت، قدر ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري، تنکي ظرف چئبو آهي.

(۵) ضمير:- اهي لفظ جي اسم جي بدران ڪم اچن تن کي ضمير چئبو آهي.

(٦) حرف جر:- اهڙا لفظ، جي اسم يا ضمير جي پنيان ڪم اچن ۽ انهيءَ ٻين لفظن سان لاڳاپو ڏيکارين، تن کي حرف جر چئبو آهي.

(۷) حرف جملو:- اهڙا لفظ، جي ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن ۽ ٻن جملن کي ڳنڍين، تنکي حرف جملو چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٨) حرف ندا :- اهي لفظ جي سڏ ڪرڻ جي ڪم اچن يا منجهانئن دل جي حالت ظاهر ٿئي، انهن کي حرف ندا چئبو آهي.

## صفت ۽ ظرف.

گرامر ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آهن، جي هڪ هنڌ صفت آهن، ته ٻئي هنڌ ظرف آهن، ڪجهه مثال اُنهن جا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) ڪٿي انب ڪاڻڻ مان ماڻهو ئي ڪتو ٿيو پوي.
هن جملي ۾ پهريون ڪتو صفت آهي، جو انب اسم سان لڳي ٿو. پر ٻيو ڪتو ظرف آهي، جنهن مان ريت جي معنيٰ نڪري ٿي.

(٢) غلام حيدر هڪ هوشيار ڇوڪر آهي.
(٣) غلام حيدر ڏاڍو هوشيار آهي.
جملي ٻئي ۾ هوشيار لفظ صفت آهي، جو ڇوڪر اسم سان لڳي ٿو. پر ٽئين جملي ۾ ساڳيو هوشيار لفظ ظرف آهي، جنهن مان ريت جي معنيٰ نڪري ٿي.

**استعمال :-** صفتون ۽ ظرف ڇونڊ ٻو :-

(١) چڱو ٿيو، جو تون نه وئين.
(٢) هي ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي، جو سڀڪنهن سان

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چڱا ڀير ڪٽي ٿو.
(۳) هيءُ ڀراٽو ڏلو آهي.
(۴) پٽ ڀراٽو ٿئي، ته به چنڊ جو ناءُ نه سڏجي.
(۵) احمد وٽ ڀلو گهوڙو آهي.
(۶) ڀلو سيري ڪان به ڀلو. سيري ۾ نه ساءُ. ڀلو گوڏا ڪوڙي ڪاءُ.

## ترڪيب.

اساني ٻولي جملن جي ٺهيل آهي. هرهڪ جملو ڪن لفظن جو ميڙ آهي. هرهڪ لفظ کي گرامر جي ڏفعي ۾ ورهائڻ کي ترڪيب چئبو آهي.

**ترڪيب ڪريو:-** آڪيم هڪ نشيدار شي آهي، جا واهرائڻ سان بدن جي جدا جدا عضون تي هڪ خراب اثر پيدا ڪري ٿي.

| | |
|---|---|
| آڪيم - اسم | جي- حرف جر |
| هڪ نشيدار- صفت | جدا جدا- صفت |
| شي - اسم | عضون- اسم |
| آهي- فعل | تي- حرف جر |
| جا- ضمير | هڪ خراب - صفت |
| واهرائڻ- اسم | اثر- اسم |
| سان- حرف جو | پيدا- ظرف |
| بدن- اسم | ڪري ٿي- فعل |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ترڪيب ھلندڙ

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ آھن، جي آواز خواه صورتخطيءَ ۾ هڪ جھڙا آھن، مگر گرامر جي لحاظ موجب سندن ترڪيب ساڳي نٿي رهي.

مثال (۱) عمر، تو وٽ جيڪا وٽ آھي، سا وٽ ته ڏيئي ۾ وجھون.
پهرين جملي ۾ پهريون وٽ حرف جر آھي.
ٻيون وٽ اسم آھي. ٽيون وٽ فعل آھي.

مثال (۲) جو گهوڙو احمد ورتو هو، تنھنجو ٻچو وڃي چڙيو اٿن.
اتي پهريون جو ضمير آھي ۽ ٻيو جو حرف جر آھي.

مثال (۳) توهان وارو نمبر هيءَ پاڻيءَ جو وارو ڪائي وينداو.
اتي پهريون وارو حرف جر آھي ۽ ٻيو وارو اسم آھي.

مثال (۱) پائرن جو رس کين طاقت وارو بنائي ٿو. پر وڏي وهي انهن ماڻهن کي رس.
پهريون رس معنيٰ محبت، جو اسم آھي.
ٻيو رس معنيٰ پهچ، جو فعل آھي.

ترڪيب ڪريو:-

(۱) گهڻن ماڻهن جي اهڙي عادت هوندي آھي، جو وات ٻنڌ ڪو منڊو ڏنڊو ڏسن، ته ٻيهي ان تي کلن يا ان جي اهل ڪري پيا خوش ٿين.

(۲) ٻاٽ ٻهرين ۽ رات جو ڳڙهه ٻاسي ڳايو.
[۳] ٻٽيندي ٻيٺ ڪي. ويو چهارو چٽ،
هو جو مٿي ڪٽ - سو ٻڻ ٻٽي ٻيٺ ڪي،
[۴] فقير:- تڏهن سائين توهان جي محلات ۽ مهمان سراءِ ڪي ورهايو؟ مهمان سراءِ ڪا ٻي ٽيندي آهي ڇا؟
[۵] ست ڪعا ڪائي ٻلي هلي آهي حج تي.

## عدد.

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو:-
[۱] مون وٽ هڪ رپيو آهي.
[۲] تو وٽ ٻه رپيا آهن.
[۳] هن وٽ ڏهه رپيا آهن.

مٿين جملن مان پهرئين ۾ لفظ رپيو ڪم آيل آهي. ۽ هيٺين ٻن ۾ ساڳيو لفظ مٽجي رپيا ڪم آيل آهي. اهو انهيءَ ڪري، جو پهرئين جملي ۾ سنڌس عدد هڪ آهي ۽ ٻين جملن ۾ سنڌس عدد هڪ کان وڌيڪ آهي.

جن اسمن جو عدد هڪ آهي، انهن جو عدد واحد چئبو آهي. جن اسمن جو عدد هڪ کان مٿي هوندو آهي، تن جو عدد جمع چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ عدد ٻن قسمن جا آهن:-
١- عدد واحد ٢- عدد جمع.
**استعمال:-** هيٺين جملن مان اسم چونڊيو ۽ سندن عدد ٻڌايو!
١- هن وٽ چار گل آهن.
٢- ڪيترائي ماڻهو شهرن ۾ گهمڻ ويندا آهن.
٣- اسان جو اسڪول عيد جي موڪل سبب ٽي ڏينهن بند آهي.
٤- ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا ياد.
٥- هن ڏليءَ ۾ سورهن سير کير پئجي سگهندو.

## جنس.

هيٺين جملن مان اهي اسم چونڊيو، جي ساهه وارن جا نالا آهن:-
١- اسانجي پٽ تي هڪڙو ڪبوتر ويٺو آهي.
٢- هن وٽ هڪ گهوڙي آهي.
٣- رانجهي وٽ ٻه ڳانيون ۽ ٻه ٻڪريون آهن.
مٿين جملن ۾ جيڪي ساهه وارا اسم آهن، انهن مان ڪي نر آهن ۽ ڪي ماديون. يعني انهن ۾ ٻه **جنسون آهن.**

جيڪي نر اسم آهن، انهن جي جنس **مذڪر** چئبي آهي. جيڪي مادي اسم آهن، انهن جي جنس **مونث** چئبي آهي. يعني سنڌيءَ ۾ اسم جون ٻه جنسون ٿينديون آهن:- (١) جنس مذڪر (٢) جنس مونث.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## جنس ھاند ڙ.

### بي جان اسم.

ھيٺين جملن مان اھي اسم چونڊ يو، جيڪي بي جان آھن.

١- پيت تي ٺوڙي رکي آھي.
٢- ھن ڪوڏ جو ٻاڏي ڏاڍو مٺو آھي.
٣- ھيٺ تي قلم رکيو آھي.

مٿين جملن ۾ جيڪي اسم ڪم آيل آھن، تن مان نر ۽ ماديءَ جي پوريءَ طرح خبر پئجي نٿي سگھي. تنھن ڪري اُنھيءَ لاءِ سولو رستو ھيءُ آھي، تہ اھڙي اسم جي اڳيان، او يا اي پڇاڙيءَ واريون صفتون لڳائجن. جيڪڏھين او پڇاڙيءَ واري صفت لڳي، تہ جنس مذڪر ٿيندي، تہ پر جي اي پڇاڙيءَ واري صفت لڳي، تہ جنس مونث ٿيندي. اھي صفتون ھيٺيون ٿي سگھن ٿيون.

او پڇاڙيءَ واريون صفتون:- چڱو، گھڻو، وڏو وغيره
اي پڇاڙيءَ واريون صفتون:- چڱي، گھڻي، وڏي وغيره.
اسان مٿي جيڪي صفتون ڏيکاريون آھن، انھن مان ڪابہ ھڪ لڳائبي. ائين نہ تہ اھي سڀ لڳائبيون ھر سڀ کان بھتر رستو آھي، ۽ فقط چڱو چڱي اھي ٻہ صفتون لڳائي ڏسجن.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيڪڏهين چڱو صفت لڳي، ته جنس مذڪر ٿيندي جي چڱي صفت لڳي، ته جنس مونث ٿيندي.
مثلا:- چڱي پت، چڱي نوڙي،
چڱو ڏاٽي، چڱو قلم،
هتي پت ۽ نوڙي اسمن جي جنس مونث ٿيندي، ڇاڪاڻ ته انهن اسمن سان چڱي صفت لڳي ٿي. مگر ڏاٽي ۽ قلم جي جنس مذڪر ٿيندي، ڇاڪاڻ ته انهن اسمن سان چڱو صفت لڳي ٿي.

**استعمال:-** هيٺين اسمن جون جنسون ٻڌايو:-
گوڏال، چوڪري، ڪرسي، وڻ، دروازو، مس، جتي، ماڻهو، گهوڙي، رات، صبح، ڏينهن، ڪپڙا، ٻني ٻيا.

۲- هيٺين جملن مان اسم چونڊيو ۽ سندن جنسون ٻڌايو.
۱- سياڻو پٽ پينگهي ۾ پڙهي.
۲- سچ تي هينان لڪي نه سگهندو.
۳- منڊ تي منڊل وڄيا، ڌاڙي ڪٽي تنوار.
هارين هر سنڀاهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ ڀوڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.
۴- علم پڙهڻ رڪ جا ڇڻا ڇپڙا آهن.
۵- ڇوڙا ڪان ۽ ٿوڙا پڇا.



www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# گرامر
## ڊرجو چوٿون

### زمان.

هيٺيان جملا ڏسو.

(١) احمد اسڪول ۾ آهي.
(٢) احمد اسڪول ۾ هو.
(٣) احمد سڀاڻي اسڪول ۾ هوندو.

جملي پهرئين ۾ آهي فعل مان هلندڙ وقت جي خبر پوي ٿي. يعني احمد هن وقت گهر ۾ آهي.
جملي ٻئي جي هو فعل مان گذريل وقت جي خبر پوي ٿي.

جملي ٽئين جي هوندو فعل مان ايندڙ وقت جي معلوميت ٿئي ٿي. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته سگهون ٿا.
فعل جا ٽي وقت يا ٽي زمان ٿين ٿا.

(١) هلندڙ وقت يعني زمان حال.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٢) گذريل وقت يعني زمان ماضي.
(٣) ايندڙ وقت يعني زمان مستقبل.

## مثال (٢).

(١) احمد خط لکي ٿو.
(٢) احمد خط لکيو هو.
(٣) احمد خط لکندو.

جملي پهرئين ۾ لکي ٿو فعل هلندڙ وقت جي خبر ڏئي ٿو، تنهن ڪري ان جو زمان حال چئبو.
جملي ٻئي ۾ لکيو هو فعل مان گذريل وقت جي خبر پوي ٿي، تنهنڪري ان جو زمان ماضي چئبو.
جملي ٽئين ۾ لکندو فعل مان ايندڙ وقت جي خبر پوي ٿي، تنهنڪري ان جو زمان مستقبل چئبو.

## وصفون.

**زمان حال** - اهو زمان، جنهن مان هلندڙ وقت جي خبر پوي.
**زمان ماضي** - اهو زمان، جنهن مان گذريل وقت جي خبر پوي.
**زمان مستقبل** - اهو زمان، جنهن مان ايندڙ وقت جي خبر پوي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

**استعمال - هيٺين جملن ۾ فعلن جا زمان ٻڌايو!**

(۱) هن شهر ۾ هڪ وڏو سخي مرد رهندو هو.
(۲) هڪ انسان ٻئي انسان جو محتاج آهي.
(۳) ڇوڪر ڪالهه واهه جي ڪناري تي ويٺو هو.
(۴) مون کي ٻه چار خط لکيا هئائين.
(۵) آئون سڀاڻي حيدرآباد ويندس.
(۶) پٽ شاهه تي ۱۴ صفر جي وڏو ميلو لڳندو آهي.
(۷) هو جيڪو ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، سو منهنجو دلي دوست آهي.

(۸) ادا اسان پڙهيوئي ڪونهي، تنهنڪري سڀاڻي ضرور مار کائينداسين.
(۹) محنت ڪندين، ته پاس به ٿيندين.
(۱۰) ياراڻي يارن جي پاڻي تي ٽڪي.
(۱۱) محبت ڏاڍي مٺي شي آهي.
(۱۲) اڳي ته ٻهراڙين ۾ به واهه جون ڪچهريون ٿينديون هيون.

(۱۳) اڄ آئون به خط لکندس.
(۱۴) بادل جي ڇانو ۽ دغاباز جي دوستيءَ تي اعتبار ڪرڻ ڇرئي جو ڪم آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(۱۵) ڏکن پڻيان سک. نار جي ڪنگرين وانگر پيا وهن.

(۱۶) دل جي ڪت سياڻن جي صحبت ڪرڻ سان لهندي.

(۱۷) وفادار دوست سڀئن مائٽن کان به وڌيڪ ڪم ڏيندا آهن.

(۱۸) ڪميني جي سنگت ٺڪر جي ٺانءَ مثل آهي، جو هڪ واريءَ ڀڳو، ته وري ٺهي نه سگهندو.

(۱۹) چڱي جي دوستي سوني ٺانءَ مثل آهي، جو ڀڄڻ کان پوءِ به آساني سان ٺهي سگهي ٿو.

(۲۰) اسين دشمن جي پيش نه پونداسين، پر ساڻن لڙائي ڪنداسين.

## ضمير خالص.

اهي ضمير، جي فقط ماڻهن جي نالن بدران ڪم اچن، تن کي ضمير خالص سڏبو آهي.

هن جا ٽي پاڱا آهن.

(۱) ضمير متڪلم (۲) ضمير حاضر (۳) ضمير غائب

**ضمير متڪلم**- اهي لفظ، جي ڪلام ڪندڙ ڳالهائڻ وقت پنهنجي بدران ڪم آڻي، تن کي ضمير متڪلم چئبو آهي.

جهڙوڪ:- آئون، مان، مون، مئون، اسان، اسين،

ضمير حاضر- اهي لفظ، جي مخاطب ماڻهوءَ جي ناالي بدران ڪم آڻجن، تن کي ضمير حاضر چئبو آهي.
جيئن :- تون، تو، تنهن، توهان، توهين، اوهان، اوهين.

نوٽ- مخاطب اهو آهي جنهن سان روبرو ڳالهائجي.

ضمير غائب- اهي لفظ، جي غير حاضر ماڻهن جي نالن بدران ڪم آڻجن، تن کي ضمير غائب چئبو آهي.
جيئن :- هو، هوءَ، هن، هنن، اها، اهي، اهو، انهن.

## زمانن جو ڦيرو.

سيڪو زمان ضمير خالص جي ٽن ضميرن ۾ ڦرندو آهي.
جيئن ته:-

## زمان حال.

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| آئون لکان ٿو | اسين لکون ٿا |
| تون لکين ٿو | توهين لکو ٿا |
| هو لکي ٿو | هو لکن ٿا |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نوٽ- مٿيئن ڏيري ۾ آئون، تون ۽ هو ضمير آهن، جن جو عدد واحد آهي. انهن جو جمع هيٺين طرح ٿيندو:
آئون جو جمع اسين.
تون جو جمع توهان، توهين، اوهان، اوهين.
هو جو جمع هو، اهي.
هاڻ ٽنهين زمانن جو ڦيرو هيٺ ڪري ڏيکارجي ٿو.

## زمان حال.

| واحد | جمع |
|---|---|
| آئون وڃان ٿو | اسين وڃون ٿا |
| تون وڃين ٿو | توهين وڃو ٿا |
| هو وڃي ٿو | هو وڃن ٿا |

## زمان ماضي.

| | |
|---|---|
| آئون ويو هوس | اسين ويا هئاسين |
| تون ويو هئين | توهين ويا هئا |
| هو ويو هو | هو ويا هئا |

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## زمان مستقبل.

| جمع | واحد |
| --- | --- |
| اسين وينداسين | آئون ويندس |
| توهين وينداؤ | تون(١) ويندين |
| هو ويندا | هو ويندو |

## هئڻ فعل جو ڦيرو ٽنهي زمانن ۾

## زمان حال.

| جمع | واحد |
| --- | --- |
| اسين آهيون | آئون آهيان |
| توهين آهيو | تون آهين |
| هو آهن | هو آهي |

نوٽ- هن جو ڦيرو مونث ۾ به ساڳيو رهندو.

## زمان ماضي.

## مذڪر ۾ ڦيرو.

| جمع | واحد |
| --- | --- |
| اسين هئاسين | آئون هوس |
| توهين هئا | تون هئين |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هو هو | اهي هئا

### مونث ۾ ڦيرو

آئون هيس | اسين هيون سين
تون هئين | توهين هيون
هوءَ هئي | هو هيون

### زمان مستقبل
### مذکر ۾ ڦيرو

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| آئون هوندس | اسين هونداسين |
| تون هوندين | توهين هوندا |
| هو هوندو | هو هوندا |

### مونث ۾ ڦيرو

آئون هوندينس | اسين هونديون سين
تون هوندينءَ | توهين هونديون
هوءَ هوندي | اهي هونديون

استعمال- هيٺين فعلن جو ڦيرو ٽنهين زمانن ۾ ڪري ڏيکاريو:

ڏسڻ - لکڻ - ڪرڻ - چوڻ - پڙهڻ
ترڻ - ترڻ - ترڻ - چڙهڻ - پالڻ - رڻڻ
پوڻ - ڪاڻ - وڃڻ - اچڻ - ڳولڻ

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڪڻ - ٿيڻ - نهارڻ - اُٿارڻ- وهڻ
سهڻ - ڦاسڻ - ٻيهڻ - ڏيکارڻ - لڳڻ
هلڻ - وسارڻ - ڇڏڻ -- چرڻ -- ڀڄڻ
رڪڻ - ڏيڻ - وڃڻ - ڳنڍڻ - ڏوڙڻ

# جنسون

## مذڪر ۽ مونث جا سولا قاعدا.

[۱] جيڪي اسم **ساهه وارن** جا نالا آهن، تن مان نر اسمن جي جنس مذڪر ٿيندي ۽ مادي اسمن جي جنس مونث ٿيندي.

[۲] ساهوارن اسمن کان سواءِ ٻين اسمن جون جنسون هيٺين ريت سڃاڻجن ٿيون:

**(الف)** جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ اَ، اِ، آ، اِي آهي، سي هميشه مونث آهن.

مثال: ڪٽ، ڪل- ڇت، دل- ديا، ڳالا- وٽي، دلي وغيره. اِي پڇاڙيءَ وارا ڪي لفظ مذڪر به آهن.

جيئن:- هاٿي، موتي، سورج مکي.

[ب] جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ او آهي، سي هميشه مذڪر آهن.

جيئن:- ڪتورو، ڏلو، پينگهو، ڪتولو وغيره.

[ث] جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ اُ، اُو يا اُون آهي، سي گهڻو ڪري مذڪر آهن.

جيئن:- گاهه، ٿڻ، پٽ- ڪدو، زردالو- ڇمون، لڏون وغيره. ساڳين اچارن وارا ڪي مونث به ٿيندا آهن.

جيئن- آبرو

## مذڪر مان مونث جو ٺهڻ.

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| گهوڙو | گهوڙي | ڏايو | ڏائي |
| ڍڳو | ڍڳي | ڀانهو | ڀانهي |
| ٻڪر | ٻڪري | ادو | ادي |
| واڇو | واڇي | ڏاڏو | ڏاڏي |
| ڪتو | ڪتي | مامو | مامي |
| ٻلو | ٻلي | چاچو | چاچي |
| ڀاڏو | ڀاڏي | سهو | سهي |
| لومڙ | لومڙي | ڏوتو | ڏوتي |
| ڳيرو | ڳيري | ڪاڻو | ڪاڻيلي |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ٻيو نمونو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| فقير | فقيرياڻي | وايو | وايياڻي |
| هندو | هندواڻي | لنگهو | لنگهياڻي |
| امير | اميرياڻي | ماڙيچو | ماڙيچياڻي |
| ٻروچ | ٻروچياڻي | رازو | رازياڻي |
| کوري | کورياڻي | نوڪر | نوڪرياڻي |
| سيٺ | سيٺياڻي | آهيڙي | آهيڙياڻي |
| درزي | درزياڻي. | | |

## ڏون نمونو.

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| ڄٽ | ڄٽڙ | ڏوٽو | ڏوٽڙ |
| ٻٽ | ٻٽڙ | هاٿي | هاٿڙ |
| ڀيل | ڀيلڙ | شينهن | شينهڙ |
| ڪولهي | ڪولهڙ. | | |

## مونث مان مذڪر جو نهڻ.

| مونث | مذڪر |
|---|---|
| ٻڪري | ٻڪرو |
| ماسي | ماسڙ |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| رن | رنڙ |
| چمبُ | چمڙ |

بي قاعدي مذڪر ۽ مونث جا مثال.

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| ٻڪر | ٻڪري | گهوٽ | ڪنوار |
| پاڏو | مينهن | مڙس | جوءِ، زال |
| ڏاڳهو | ڏاچي | بادشاهه | راڻي |
| گهيٽو | رڍ | سهرو | سس |
| ڪونئرن | وڇ | ابو | امان |
| مور | ڍيل | پيءُ | ماءُ |
| | | پتا | ماتا |

عدد.

درجي ٽئين ۾ سکي آيا آهيون، ته عدد ٻن قسمن جا آهن.

(١) عدد واحد (٢) عدد جمع.

جن اسمن جو عدد هڪ آهي، انهن جو عدد واحد چئبو.

جن اسمن جو عدد هڪ کان مٿي آهي، انهن جو عدد جمع چئبو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

**استعمال:-** هيٺين جملن مان اسم چونڊيو ۽ ٻڌايو ته انهن جو عدد ڪهڙو آهي؟

(۱) احمد کي چار پٽ آهن.
(۲) هن ڇوڪر وٽ هڪ ڪتاب آهي.
(۳) منهنجي کيسي ۾ پنجويهه رپيا پيل آهن.
(۴) شينهن کان سڀ جانور ڀڄندا آهن.
(۵) ميز تي ٻه ڪتاب ۽ ٽي سليٽون رکيل آهن.
(۶) هن دلي ۾ ڏهه سير ماکي آهي.
[۷] اڄ اسين اسڪول ۾ وينداسين.
۸ نور محمد جي باغ ۾ صوفن جا وڻ آهن؟
[۹] ڦليلي ءَ جي ڪپ تي انبن جي وڻن جون قطارون لڳيون پيون آهن.
[۱۰] پيتي ءَ ۾ ڪپڙا رک.

## واحد مان جمع جوڙڻ جون واٽون

(۱) جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ زبر هوندي آهي، انهن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش آ مٿائي اون ملائڻ سان جمع ٺهندو آهي.

جيئن: ڪٽ، ڪٽون - ڏمپ، گپون - رڇ، رڇون - زال، زالون وغيره.

(۲) جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ ا اچي ٿي، تن جو جمع يون ملائڻ سان ٺهندو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيئن: پٽ ، پٽيون - ڇٽ ، ڇٽيون وغيره.

(٣) جن مذڪر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ اُ اچي ، تن جو پيش مٿائي زبر ڏيڻ سان جمع ٿيندو آهي.

جيئن: اُٺ ، اُٺَ - هٿ ، هٿَ - وغيره.

جن مونث اسمن جي پڇاڙي اُ هوندو آهي ، انهن جي پڇاڙي اون ملائڻ سان جمع ٿيندو آهي .

جيئن: ٽنڊ ، ٽنڊون .

(٤) جن اسمن جي پڇاڙي ۾ آ هوندو آهي ، تن جو جمع اون ملائڻ سان ٿيندو آهي .

جيئن: بلا ، بلائون - هوا ، هوائون وغيره.

(٥) جن اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ آو يا اُون هوندو آهي ، سي واحد توڙي جمع ۾ هڪ جهڙا آهن .

جيئن: ڪدو ، ماڻهو ، مرون ، ڀسون .

(٦) جن اسمن جي پڇاڙي او آهي ، تن جو جمع او مٿائي آ ملائڻ سان ٿيندو آهي .

جيئن: ڀلو ، ڀلا - گهوڙو ، گهوڙا - ڀلو ، ڀلا وغيره.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(۷) جن مذکر اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ اِي آهي، سي واحد توڙي جمع ۾ ساڳيا آهن.

جيئن: هاٿي، پاڻي، پيلي وغيره.

جن مونث اسمن جي پڇاڙيءَ ۾ اِي آهي، انهن جو جمع اِي مٿان ئي يون ملائڻ سان ٺهندو آهي.

جيئن: پيڙي، پيڙيون - چڻي، چڻيون - اگڙي، اگڙيون - چٽي، چٽيون وغيره.

(۸) مائٽي ڏيکاريندڙ اسمن جا جمع بي قاعدي ٺهندا آهن.

جيئن: پاءُ - پائر.

پيڻ - پيڻر يا پيڻرون
ماءُ - مائرون
ڌيءُ - ڌيئرون
ننهن - ننهرون

استعمال- هيٺين واحد اسمن جا جمع ٺاهيو!

وڻ، ٻني، موري، گجر، سٽ، عيد، گهوڙي، ٻڪري، ري، گڏون، ٿالهيون، ڪئور، ٻيٽ،

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻوڙي، نانگ، پاء، چنب، خط، پيت، گندي، ڳاهه، ڏاٽو، ٻاٽي، ڪڙو، چڙو، وايو، لوڏو، ڳوٺو، قميءَ.

## هيٺين جمع اسمن جا واحد ٻڌايو!

بدڪون، آڙيون، ڪڳا، ڪانيون، ڪاٺ، پٽ، راتيون، ڏينهن، مينهن، وڪر، ٽڪريون، پٿر، جبل، لوڏا، چڙا، ڏويي.

## فاعل

هيٺين جملن مان فعل چونڊيو!

(١) چوڪر ٻوڙي ٿو.
(٢) ٻار بازار ۾ وڃن ٿا.

پهرئين جملي ۾ ٻوڙي ٿو فعل آهي. انهن ۾ ٻوڙڻ جو ڪم چوڪر ڪري ٿو.

ٻئي جملي ۾ وڃن ٿا فعل آهي. انهيءَ ۾ وڃڻ جو ڪم ٻار ڪن ٿا.

تنهن ڪري انهن کي فاعل چئبو آهي. فاعل معنيٰ ڪم ڪندڙ.

**استعمال** هيٺين جملن ۾ فاعل چونڊيو!

١- مينهن ڳاهه کائي ٿي.
٢- ٻليءَ ڪڪڙ جهليو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٣- آئون پني لڪان ٿو.
٤- ميٿهن ڏاڍو پيو وسي.
٥- مڇر ٻڪري جي نڪ ۾ پهڻي ويو.
٦- ڪٽ تي ڇوڪري ويٺي آهي.
٧- بلبل جو آواز ڏاڍو وڻندڙ ٿيندو آهي.
٨- رستي تي ڪيترا انبن جا وڻ هئا.
٩- ڇوڪر فقير کي ماني کارائي.
١٠- بهار ۾ ٻڪري مٺيون ٻوليون ڪندا آهن.

## فاعل هٿڪندڙ

هيٺيان جملا بورڊ تي لکو!

(١) هڪ بادشاهه کي ست پٽ هوندا هئا.

(٢) اسان جي باغ ۾ محبوب راڳ- پئي ڳايو.

مٿين جملن ۾ اسان کي فاعل جي خبر يڪدم ٿئي پئجي سگهي. تنهن ڪري فاعل ڳولڻ لاءِ فعل کان ڪير يا ڪنهن لفظ وجهي سوال پڇبو آهي. جيڪو لفظ انهيءَ جي جواب ۾ ملندو، تنهن کي فاعل چئبو آهي.

جيئن جملي پهرئين ۾ فعل کان هيٺين ريت سوال پڇبو: ڪير هوندا هئا؟

جواب ملندو ته پٽ هوندا هئا.

هاڻي جواب ۾ اسان کي پٽ لفظ مليو، تنهنڪري ان کي فاعل چئبو.

جملي پڙهي ۾ سوال هن طرح ڪبو:
ڪنهن پڙهي ٻڌايو؟
جواب ملندو، ته محبوب پڙهي ٻڌايو!
هتي جواب ۾ اسان کي محبوب لفظ مليو، تنهن ڪري انهيءَ کي فاعل چئبو.

**استعمال** - فاعل چونڊيو!

(١) پکي اڏامن ٿا.
(٢) هوت سچو ڏينهن پيو رلي.
(٣) ڇوڪر دڪان تي ويٺو آهي.
(٤) ڌڻي سڄي جهان جو مالڪ آهي.
(٥) آئون سڀاڻي ڪراچي ويندس.
(٦) نثار سهڻو مضمون لکيو آهي.
(٧) غلام حيدر ڪالهه قصو پڙهي پڙهيو.
(٨) چور ڪورٽ ۾ نيٺ سچ ٻڌايو.
(٩) چڱا ڇوڪر سوير اُٿندا آهن.
(١٠) احمد ڪالهه هڪ زمين جو ٽڪر ورتو.

## جملي جا مکيه ڀاڱا

## فاعل ۽ خبر

احمد خط لکي ٿو.
مٿين جملي ۾ احمد فاعل آهي. باقي لفظ ان بابت اسان کي خبر ڏين ٿا، ته احمد ڇا ٿو ڪري؟

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهيءَ مان ثابت ٿيو، ته جملي جا مکيه ٻه ڀاڱا آهن.
(١) فاعل (٢) خبر.

**استعمال** - هيٺين جملن مان فاعل ۽ خبر جدا جدا ڪريو!

١- ڇوڪر پڙهي ويو.
٢- ٻار راند ڪن ٿا.
٣- ٻلي ڪتا ڄهلي ٿي.
٤- فقير گهمي پيو.
٥- هو روز ايندو آهي.
٦- ڪتاب ميز تي رک.
٧- احمد ناٽڪي جي ديگ لڌي.
٨- غلام حيدر فقير کي ماني کارائي.
٩- سپاهي چور کي جهليو.
١٠- مهمان آيو آهي.

پورو ٿيو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# گرامر جو مقرر نصاب

## درجو ٽيون

١- ڳالهائڻ جا اٺ لفظ سڃاڻڻ.

٢- واحد ۽ جمع، مذڪر ۽ مونث جي واقفيت.

## درجو چوٿون

١- زمانن جي ڄاڻ،

٢- زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل.

٣- جمع ۽ واحد، مونث ۽ مذڪر جا سولا قاعدا.

٤- جملن ۾ فاعل ۽ خبر جي سڃاڻپ ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

حاجي احمد حاجي اسماعيل
اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ، پريس رسالہ روڊ حيدرآباد ۾ ڇپيو
۽
آر- ايچ- احمد ائنڊ برادرس بوڪسيلرس ڇپائي
شاهي بازار حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اسان جا ڇپايل ڪتاب

مصنف محترم رحيم بخش
ميمڻ صاحب

١ـ سائنس درجو (١) ١ـ٠ـ٠
٢ـ " " (٢) ١ـ٤ـ
٣ـ " " (٣) ١ـ١٠ـ٠
٤ـ نئون انگلش ٽيچر ١ـ٢ـ٠
٥ـ تعليم مادري زبان ٣ـ٠ـ٠
٦ـ جديد تعليمي طريقا ۽
مسئلا ٣ـ٤ـ٠
٧ـ تاريخ انگلنڊ
درجو (٤) ١ـ٢ـ٠
٨ـ رياضي جا اصول ٢ـ٨ـ٠

مصنف محترم احمد خان
نظاماڻي صاحب

١ـ عملي صحت سکيا
درجو (١) ٠ـ٦ـ٠
٢ـ " " (٢) ٠ـ٦ـ٠
٣ـ " (٣) ٠ـ٦ـ٠
٤ـ " (٤) ٠ـ٦ـ٠

مصنف محترم قاضي ڊاڪٽر
علي احمد صاحب

١ـ علم بدن ١ـ٨ـ٠

مصنف محترم علي بخش
ايم - اي صاحب

١ـ علم تندرستي (سوال ۽
جواب فائنل لاءِ) ٠ـ٠ـ٠

مصنف محترم الحاج خانبهادر
محمد صديق ميمڻ صاحب

١ـ تعليمي نفسيات ٢ـ٠ـ٠
٢ـ ڪامل رهنما ٠ـ١٢ـ٠
٣ـ سنڌ جي ادبي
تاريخ ڀاڱو (١) ٣ـ٠ـ٠
٤ـ سنڌ جي ادبي
تاريخ ڀاڱو (٢) ٥ـ٠ـ٠
٥ ٻارن جي ٻهادري
درجو ٤ ٠ـ٨ـ٠
٦ـ آڱرين حساب
درجو ٧ ١ـ٨ـ٠
٧ـ مضمون نويسي
ڀاڱو (١) ١ـ٤ـ٠
٨ـ مضمون نويسي
ڀاڱو (٢) ١ـ٤ـ٠
٩ـ نئون تجارتي حساب ١ـ٤ـ٠

ڇپائيندڙ

## آر - ايڇ - احمد اينڊ برادرس

بوڪسيلرس، پبليشر شاهي بازار حيدرآباد (ويسٽ پاڪ)

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner